# گھريلو زندگي

# جون سنتون ۽ آداب

18-SEPTEMBER-2025



هفته وراه د سُنّتو ډکه اِجتماع کښې کېدونکے

د سُنّتو ډک بيان

(for Islamic Brothers)

18 سيپٽمبر 2025ع (بمطابق: 24 ربيع الاول 1447ھ) تي سچي
پاڪستان ۾ دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# گھريلو زندگي جون سنتون ۽ آداب

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ... هر هڪ نيڪي برڪت واري آهي
- ... اللّٰه پاڪ جا انعام يافته ٻانها
- ... گھر جي عزت ڪريو
- ... گھريلو زندگيءَ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختيار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:

اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰی لَيَنْظُرُ اِلٰی مَنْ يُّصَلِّيْ عَلَيَّ وَمَنْ نَظَرَ اللّٰهُ تَعَالٰی اِلَيْهِ لَا يُعَذِّبُهُ اَبَدًا۔ (1)

**ترجمو:** جيڪو شخص مون تي درود شريف پڙهندو آهي، الله پاڪ ان تي نظرِ رحمت فرمائيندو آهي ۽ جنهن تي الله پاڪ نظرِ رحمت فرمائيندو آهي، ان کي ڪڏهن بہ عذاب ناهي ڏيندو.

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود | بار بار اور بے شُمار دُرود
رُوئے اَنور پہ نور بار سلام | زُلفِ اَطہر پہ مُشکبار دُرود
سر سے پا تک کروڑ بار سلام | اور سراپا پہ بے شُمار دُرود (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(3)

---

1... افضل الصلوات للنبهانی، صفحه:40۔

2... ذوقِ نعت، صفحه:123-124ملتقطاً۔

3... بخاری، کتاب بَدءُ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جڏهن غير مسلمن قرآن ٻُڌو

۞ ابوسفيان ۞اَخنس بن شَريق ۞ابوجهل ۞۽ عَمرو بن وَهْب مڪي جا تمام وڏا ڪافر هئا، بعد ۾ ۞حضرت ابوسفيان ۞۽ حضرت اَخنس بن شَريق رَضِیَ اللہُ عَنْہما اسلام قبول ڪيو ۽ صحابيت جي مقام تي فائز ٿيا. هجرت کان اڳ جو واقعو آهي، اُن وقت انهن حضرات اجان تائين ايمان قبول نہ ڪيو هو.

هڪ دفعي ائين ٿيو جو رات جو وقت هو، جناب ابوسفيان پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتا، ارادو هي هُئو تہ محمد (رسول الله يعني آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گهر ۾ تلاوت ڪندا هوندا، وڃي ٻڌان ٿو. هيڏانهن اخنس بن شريق بہ اهو ئي ارادو ڪيو، ابوجهل ۽ عمرو بن وهب بہ ساڳي ئي نيت سان نڪتا. هاڻي هي چارئي ڄڻا، جيڪي ان وقت تائين غير مسلم هئا، ڪين هڪ ٻئي جي بہ خبر نہ هئي ۽ سيئي هڪ ٻئي کان لڪي رهيا هئا جيئن تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گهر مبارڪ جي ويجهو پهچي، چارئي الڳ الڳ جاين تي لِڪِي ويهي رهيا.

پيارا ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بلند آواز سان تلاوت فرمائي رهيا هئا.

الله! الله! تصور ڪريو! ڪلامِ خدا جو هجي، زبان پياري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هجي...!! سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي نہ پُرسوز، رقت انگيز ۽ دل تي اثر ڪرڻ واري تلاوت هوندي...!!

هي چارئي غير مسلم ان تلاوت کي ٻڌڻ ويٺا، خدا جي ڪلام ۽ مصطفيٰ جي زبان جي چاشني ۾ اهڙا تہ گم ٿي ويا، جو ڪين آسپاس جي بہ خبر نہ رهي، تلاوت ٻڌندا رهيا، ٻڌندا رهيا، رات ڪڏهن گذري وئي، ان جو ڪين احساس ئي نہ ٿيو. صبح جو جڏهن رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تلاوت ختم فرمائي، تڏهن ڪين هوش آيو تہ اڙي ...!! **هِي تہ سڄي رات ئي گذري وئي.**

هاڻي چارئي اٿيا ۽ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا! رستي ۾ چئني جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي وئي. سيئي سمجهي ويا تہ هيءَ پُرسوز تلاوت ٻڌڻ وارو صرف مان اڪيلو نہ هئس، **هِي ٽئي** بہ موجود هئا. جيئن تہ هڪ ٻئي ڪان واعدو ورتائون تہ اڳتي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تلاوت نہ ٻڌنداسين.

ڏينهن گذري ويو، رات شروع ٿي وئي، هنن کان رهيو نہ ٿيو، هڪ دفعو ٻيهر چارئي لڪندا لڪندا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر مبارڪ جي ويجهو پهچي ويا. اڄ بہ پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بلند آواز سان تلاوت فرمائي رهيا هئا. اڄ بہ هي چارئي لڪي ويهي رهيا، خدا جو ڪلام مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زباني ٻڌڻ ۾ اهڙا تہ مدهوش ٿي ويا جو اڄ بہ سڄي رات گذري وئي، فجر ڪڏهن ٿيو، اها ڪين خبر ئي نہ پئي. وري چارئي اٿيا، پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا، ٻيهر رستي ۾ هڪ ٻئي سان ملاقات ٿي وئي. اڄ بہ پاڻ ۾ واعدو ڪيائون تہ اڳتي نہ ايندا سين.

هي ڏينهن بہ گذري ويو. اڄوڪي رات بہ نہ رهي سگهيا. ٽيهَر چارئي ڇپا لڪندا لڪندا پهچي ويا. ٽين رات بہ قرآن ڪريم جي تلاوت ٻڌندي گذري وئي.

اللهُ اڪبر! اِها تلاوت پٿر ٻڌن ها تہ پگهرجي وڃن ها، پر افسوس ...!! هي غير مسلمن جون دليون هيون، انهن جي مٿان ايتري تہ ڪاراڻ چڙهيل هئي جو لهڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتائين. ٽي راتيون لڳاتار مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان مان خدا جو ڪلام ٻڌندا رهيا. چوٿين ڏينهن اَخنس بن شَريق پنهنجي گهران نڪتو ۽ سِڌو ابوسفيان وٽ آيو، چيائين: اي ابوسفيان...!! ٽي راتيون تلاوت ٻڌندو رهيو آهين، هن ڪلام بابت پنهنجي راءِ ڏي...!!

**ابو سفيان قرآن مجيد جي تعريف ڪئي.** ان ڪان پوءِ اَخنس بن شريق ابوجهل وٽ آيو، ڪانئس پڇيائين: ابوجهل ...!! ٻڌاءِ! جيڪو ڪلام تي راتيون لڳاتار ٻڌو اٿئي، ان بابت تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ ابوجهل بدبخت هو، سندس دل تي پردو پيل هو، چوڻ لڳو: (ان ڪلام جي ڳالهه ڇڏ ...!! معاملو هي آهي ته) محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلي عبد مناف مان آهن. مان سندن ڪلمو نه تو پڙهي سگهان. [1] ان موقعي تي هيءَ آيت ڪريمه نازل ٿي، الله پاڪ فرمايو: [2]

وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْ كَانُوْا لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۴۲﴾
(پارو: 11، يونس: 42)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن ۾ ڪجهه اهي آهن جيڪي تنهنجي طرف ڪن لڳائن ٿا پوءِ ڇا تون ٻوڙن کي ٻڌائيندين؟ جيتوڻيڪ اهي سمجهندا نه هجن.

يعني انهن مشرڪن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي پنهنجن ظاهري ڪنن سان ٻڌڻ جي لاءِ جهڪندا آهن ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان قرآن ڪريم ٻڌندا آهن، پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان شديد بغض ۽ عداوت جي ڪري اهو ٻڌڻ کين ڪو فائدو نه ڏيندو آهي. [3]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اسان کي سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي متعلق به ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

## (1): هي توهان کي جهُٽلائيندا نه آهن

پهريان هن ڳالهه تي غور ڪريو ته! اسان جي پياري پياري، آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت پاڪ ڪيڏي نه پاڪيزه، ڪيڏي نه حسين ۽ ڪيڏي نه خوبصورت آهي جو ابوجهل جهڙو بدبخت ڪافر، جنهن پنهنجي بدبختي، سياهه دلي ۽ بغض جي ڪري جيتوڻيڪ ڪلمو نه پڙهيو، پر!

---

1... سيرت ابن بشام، قصة استماع قريش ...الخ، جز:1، جلد:1، صفحه:201-202ملخصاً ـ

2... الروض الانف، الذين استمعوا الى قراءة النبى صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، جلد:2، صفحه:95 مفهوماً ـ

3... صراط الجنان، پاره:11، سورۀ يونس، زيرِ آيت:42، جلد:4، صفحه:325-326ـ

پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏانهن مائل ٿيڻ کان سواءِ رهي به نه سگهيو، راتين جو لڪي لڪي زبانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان ڪلامِ خدا ٻڌڻ ويندو هو.

| | |
|---|---|
| کہوں کیا حُسنِ خُلقِ سرورِ دیں | سزائے حمد ہے شایانِ تحسیں |
| وہ حُسنِ خُلق میں کیا ہی حسیں تھے | کہ فخرِ اوّلیں و آخریں تھے |

هن مان معلوم ٿيو ته مڪي جا ڪافر جيڪي ڪلمو نه پڙهندا هئا، اهو سندن پنهنجي باطني خباثت جي ڪري هو، نه ته پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات پاڪ ۾ نقص جو ڪروڙهون حصو به اهي ڳولهي نه سگهيا هئا. اللّٰه پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| لَا یُكَذِّبُوْنَكَ وَ لٰكِنَّ الظّٰلِمِیْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ یَجْحَدُوْنَ ﴿۳۳﴾ (پارو: 7، سورة انعام: 33) | ترجموڪنز العرفان: هِي توهان ڪي نه جهُٽلائيندا آهن، پر ظالم اللّٰه جي آيتن جو انڪار ڪندا آهن. |

معلوم ٿيو ته اللّٰه پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ايترو ته باڪمال ۽ بي مثال بڻايو آهي جو اڄ ڏينهن تائين ڪو به غير مسلم پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات کي جهُٽلائڻ جي همت نه ڪري سگهيو آهي. چاهي اهي اهلِ ڪتاب هجن يا مڪي جا مشرڪ، سيئي چڱيءَ ريت ڄاڻندا هئا ته محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ سچو هن دنيا ۾ ٻيو ڪو به نه آهي. ها پر! اُهي ڪلمو نه پڙهندا هئا، ڇو ته سندن دلين تي مُهر لڳي چڪي هئي.

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا:

وہ کمالِ حُسنِ حُضور ہے کہ گمانِ نقص جہاں نہیں
وہی پُھول خار سے دُور ہے، یہی شمع ہے کہ دُھواں نہیں ( 1 )

**وضاحت:** يعني پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حُسن ۽ جمال جو ڪمال هي آهي ته ان ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي هجڻ ته پري جي ڳالهه آهي، ڪنهن گهٽتائي جو گمان به نه آهي. ٻئي مصرعي جو مطلب آهي ته عام طور تي گل

---

[1]… حدائق بخشش، صفحه:107-

سان گڏ ڪندو ٻه هوندو آهي، شمع سان گڏ ڏُونهون ٻه هوندو آهي، پر پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رسالت جي باغ جا اهڙا گُلَ آهن جنهن ۾ ڪو ٻه ڪندو نه آهي ۽ پاڻ اهڙي شمع آهن جنهن ۾ ڪو دونهون نه آهي.

## (2): هر هڪ نيڪي برڪت واري آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي هن واقعي تي هڪ ٻئي پهلوءَ سان غور فرمايو! اڳ ۾ تورو ماحول تي نظر وجهو! مڪو پاڪ آهي، پنهنجن سڀڻ رشتيدارن کان وني غيرن تائين سڀ دشمن آهن، اسلام جي مخالفت تي سَندِرو ٻَڌي بيٺل آهن، اسلام ۽ مسلمانن کي متائڻ جون ڀرپور ڪوششون ڪري رهيا آهن، ظلم ۽ ستم جا جبل ٽوڙيا پيا وڃن، معاذالله! پياري آقا، مدني آقا، مڪي آقا، محبوب آقا، اسان بيڪسن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۾ گستاخي ڪئي پئي وڃي، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تڪليفون پهچايون پيون وڃن. هڪ ٻن کان علاوه سيئي دشمن آهن. ايترو سڀ ڪجهه هجڻ جي باوجود حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رات جي تنهائيءَ ۾ انهن سيني مشڪلاتن کان توجهه هٽائي، پنهنجي رب جي حضور حاضر تي رهيا آهن ۽ گهر مبارڪ ۾ سڄي سڄي رات قرآن جي تلاوت فرمائي رهيا آهن.

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو...!! ٻئي طرف اسان پنهنجو حال ڏسون: اسان جيڪڏهن تلاوت ڪريون، نمازون پڙهون، نيڪ ڪم ڪريون ته اسان جي مخالفت نه ڪئي ويندي آهي، اسان جي ته تعريف ڪئي ويندي آهي، ماڻهو نيڪوڪار سمجهي عزت ڏيندا آهن، دعائن جي لاءِ چوندا آهن، ان جي باوجود اسان نيڪين جي طرف نه ايندا آهيون، اسان تلاوت نه ڪندا آهيون، الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. اخلاص جي، نيڪي توفي عطا فرمائي. نيڪي الله پاڪ جو قرب ڏياريندي آهي، ❁دل کي پاڪ ڪندي آهي، ❁نيڪين جي برڪت سان مشڪلاتون دور ٿي وينديون آهن، ❁آفتون پري ٿينديون آهن، ❁نيڪي نزع جي وقت آساني ڏياريندي

آهي، ❁قبر چمڪائيندي آهي ۽ ❁ جنت ۾ پهچائيندي آهي. تنهنڪري اسان ڪي گهرجي ته اسان نيڪ عمل ڪندا رهون ❁ نفلي روزا رکندا رهون ❁ نمازون پڙهندا رهون ❁ تلاوت ڪندا رهون ❁ درود پاڪ جي ڪثرت ڪندا رهون ۽ ٻيا به نيڪيءَ وارا ڪم ڪندا رهون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! برڪتون ئي برڪتون نصيب ٿينديون.

امير اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه آسانيءَ سان نيڪيون ڪمائڻ جو هڪ نسخو اسان کي ڏنو آهي: **نيڪ اعمال**. هي مختصر کِيسي جي سائيز جيترو رسالو آهي، **72 نيڪ اعمال** جي نالي سان مڪتبة المدينه تان ملندو آهي. هي رسالو حاصل ڪريو! پاڻ وَٽِ رکو! روزانو ان جا خانا پريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ انهن تي استقامت حاصل ڪرڻ نصيب ٿي ويندو.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!
دے شوقِ تِلاوت دے ذوقِ عبادت | رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی!
ہو اَخلاق اچّھا ہو کِردار سُتھرا | مُجھے متّقی تُو بنا یاالٰہی! (1)

## گهر ۾ عبادت ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معمول مبارڪ هو ته فرائض، واجبات، نيڪيءَ جي دعوت وغيره جيڪي مسجد ۾ ڪندا هئا، اُهي ته ڪندا ئي هئا، ان سان گڏوگڏ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ به خوب عبادت ڪندا هئا. مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کان ڪنهن پڇيو: محبوبِ ذيشان، مڪي مدني

[1] …وسائلِ بخشش، صفحه:102- 104 ملتقطاً.

سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نوافل ادا ڪرڻ جو ڪهڙو معمول هو؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا فرمائڻ ٿيون: حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ظهر کان پهريان 4 رڪعتون گهر ۾ ادا فرمائيندا هئا، پوءِ مسجد ڏانهن تشريف وٺي ويندا هئا، ظهر جي نماز باجماعت ادا فرمائيندا هئا، پوءِ گهر تشريف ڪٽي ايندا هئا ۽ ٻه رڪعتون ادا فرمائيندا هئا. ائين ئي مغرب جي نماز باجماعت ادا فرمائيندا هئا ۽ پوءِ جڏهن گهر تشريف آڻيندا هئا تہ ٻه رڪعتون ادا فرمائيندا هئا، عشاء جي نماز مسجد ۾ ٿيندي هئي، ان کان پوءِ ٻه گهر اچي ٻه رڪعتون ادا فرمائيندا هئا. (1)

صحابيءِ رسول آهن حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہما. پاڻ مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جا ڀاڻيجا آهن. پاڻ ان وقت ننڍي عمر جا هئا، فرمائن ٿا: هڪ رات مان پنهنجي ماسِي حضرت ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جي گهر ۾ رهيس، ان رات پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عشاء جي نماز پڙهي، پوءِ گهر تشريف ڪٽي آيا، گهر ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 4 رڪعتون ادا فرمايون ان کان پوءِ آرام فرمايو، ڪجهہ دير کان پوءِ اٿيا، (2) چهري پاڪ تي هٿ ڦيرايائون، سورت آل عمران جي آخري 10 آيتن جي تلاوت ڪيائون، پوءِ وضو ڪري نماز پڙهڻ لڳا، مان بہ وضو ڪري حاضر ٿي وَيُس ۽ نماز پڙهڻ لڳس. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 2 رڪعتون، پوءِ 2 رڪعتون، پوءِ 2 رڪعتون، اهڙي طرح 2،2 رڪعتون ڪري ڪُل 12 رڪعتون ادا فرمايون، پوءِ وتر ادا فرمايو ۽ بعد ۾ آرام فرمايو، پوءِ فجر جي اذان کان پوءِ 2 رڪعتون (يعني فجر جون سنتون) ادا فرمايائون ۽ فجر جي نماز لاءِ تشريف وٺي ويا. (3)

سُبۡحٰنَ الله! هي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو انداز آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ هن سنت تي عمل ڪريون.

---

1... تفسيرقرطبی،پاره :11،سورهٔ یونس،زیرِ آیت:87،جلد:4،صفحه:189۔

2... بخاری ،کتاب العلم، باب السمر فی العلم،صفحه:104،حدیث:117۔

3... بخاری ،کتاب الوضوء، باب قراءة القرآن...الخ،صفحه:121،حدیث:183۔

اڄڪلهه هر گهر ۾ پريشانيون آهن، معاشي تنگيون آهن، ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن آهي، چاچا ڀائٽيا پاڻ ۾ نہ ٿا نهن، ماءُ پيءُ الڳ پريشان آهن، اولاد ماءُ پيءُ کان بدگمان آهي. اِهي تقريباً هر گهر جا مسئلا آهن، ڪو ڪو گهر هوندو جيڪو پريشانين کان بچيل هوندو. انهن پريشانين جو آسان حل ٻڌايان؟ اداءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ادا ڪندي، پنهنجي گهرن ۾ عبادت جو ماحول بڻايو! ۞ تهجد جو وقت هجي ۽ گهر ۾ چهل پهل ٿي رهي هجي، ڪو وضو ڪري رهيو آهي ۞ ڪو مصلو وڇائي رهيو آهي ۞ ڪو عمامو شريف سجائي رهيو آهي ۞ ڪو تهجد جي نماز شروع ڪري چڪو آهي ۞ ڪو تهجد پڙهي فارغ ٿي چڪو آهي، هاڻي تلاوت ڪري رهيو آهي ۞ هڪ جي هٿ ۾ تسبيح آهي، درود پاڪ جي ڪثرت ٿي رهي آهي ۞ اهڙي طرح نمازن جي وقت ۾ بہ چهل پهل هجي ۞ جيئن ئي اذان ٿي، سيئي ڪم ڪار ڇڏي ڏنا، سيئي نماز جي تيارين ۾ لڳي ويا ۞ گهر ۾ درود پاڪ پڙهڻ جي لاءِ وقت مقرر هجي، سيئي گهر وارا گڏجي درود پاڪ پڙهن ۞ تلاوت جو وقت مقرر هجي، سيئي گڏجي ويهي تلاوت ڪن ۞ نفلي روزن جا ڏينهن مقرر هجن، جيڪڏهن ٿي سگهي تہ سيئي گهر وارا مثلاً سُومَر ۽ خميس جو روزو رکن. ائين گهرن ۾ عبادت وارو، نيڪين وارو ماحول بڻائي ڇڏيو! يقين ڪريو! صرف دنيا ئي نہ، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قبر بہ چمڪي پوندي، آخرت بہ سنورجي ويندي ۽ الله پاڪ بہ راضي ٿي ويندو.

## الله پاڪ جا انعام يافتہ ڀانها

حضرت علي بن صالح ۽ حضرت حسن بن صالح رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِما ٻئي ڀائر هئا، سندن گهراڻو تلاوتِ قرآن جو تمام گهڻو شوقين هو، انهن وٽ روزانو هڪ قرآن پاڪ جو ختم ٿيندو هو، انداز اهو هو جو هي ٻئي ڀائر ۽ سندن والده گڏجي ويهي تلاوت ڪندا هئا، قرآن پاڪ جو هڪ ٽيون حصو (*One Third*) حضرت علي بن صالح رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تلاوت ڪندا هئا، ٻيو ٽيون حصو (*One Third*) سندن

ياءُ حضرت حسن بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تلاوت ڪندا هئا ۽ بقايا ٽيون حصو قرآن ڪريم انهن جي والده محترمہ تلاوت ڪندي هئي، ائين روزانو رات جو هڪ قرآن ڪريم مڪمل ٿي ويندو هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سندن والده محترمہ جو انتقال ٿي ويو، هاڻي هڪ فرد گهٽجي ويو، ان جي باوجود بہ هنن تلاوتِ قرآن ۾ گهٽتائي اچڻ نہ ڏني، ٻنهي ڀائرن گڏجي والده محترمہ جي ڪَمِي پوري ڪئي ۽ روزانو اڌ، اڌ قرآن ڪريم پڙهڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو، اهڙي طرح روزانو ختمِ قرآن جو سلسلو جاري رهيو. پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ حضرت علي بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو بہ انتقال ٿي ويو، هاڻي حضرت حسن بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اڪيلا رهجي ويا، پر انهن جي شوق تلاوت تي قربان! هنن تلاوت ۾ گهٽتائي اچڻ نہ ڏني، هاڻي حضرت حسن بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اڪيلا ئي پنهنجي والده ۽ ڀاءُ جي حصي جي بہ تلاوت ڪندا هئا، يعني روزانو اڪيلي سِر پورو قرآن ڪريم ختم ڪندا هئا.

حضرت علي بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي هڪ ويجهي شخص جو بيان آهي تہ جنهن رات حضرت علي بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو انتقال ٿيو، مان انهن وٽ موجود هئس، هنن مون کان پاڻي گهريو، مان ان وقت نماز پڙهي رهيو هيس، تنهنڪري فوراً پاڻي پيش نہ ڪري سگهيس، نماز کان فارغ ٿي مان جلدي جلدي پاڻي کڻي حاضر ٿيس تہ حضرت علي بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: مون هاڻي هاڻي پاڻي پيتو آهي. مون کي وڏي حيراني ٿي تہ مون کان سواءِ هتي ٻيو ڪو بہ نہ آهي، پوءِ پاڻي ڪنهن پيش ڪيو؟ مون حضرت علي بن صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان پنهنجي هن حيراني جو ذڪر ڪيو تہ فرمايائون: الله پاڪ جي رحمت سان هاڻي هاڻي حضرت جبرائيل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام مون کي پاڻي پياريو ۽ فرمايو: انبياء، صديقين، شُهَداء ۽ صالحين (يعني نيڪ ٻانها) اُهي ماڻهو آهن، جن تي الله پاڪ انعام فرمايو آهي، (اي علي بن صالح!) ٻڌ ...! تون، تنهنجو ڀاءُ ۽ تنهنجي والده بہ انهن نيڪ ماڻهن ۾ شامل آهيو، جن تي الله پاڪ جو انعام آهي.

هن شخص جو چوڻ آهي تہ اِها حضرت علي بن صالح رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي آخري گفتگو هئي، ائين چوڻ سان ئي سندن ساهہَ جي تَندُ ٽُٽِي پئي ۽ پاڻ دارِ فاني ڏانهن ڪُوچ ڪري ويا. (1) اللّٰہ پاڪ انهن تي رحم فرمائي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی! | گناہوں کی ہو دُور دل سے سیاہی

اي عاشقان رسول! توهان ٻڌو تہ! حضرت علي بن صالح رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ، سندن ڀاءُ ۽ والده تلاوتِ قرآن جا ڪيڏا نہ شوقين هئا، انهن جي گهر ۾ روزانو ختمِ قرآن ٿيندو هو، انهن خوش بختن کي شوقِ تلاوت جو ڪيڏو نہ پيارو انعام مليو: حضرت علي بن صالح رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي وفات کان پهريان، دنيا ۾ ئي فرشتن جي سردار حضرت جبرائيل اَمين عَلَیۡہِ السَّلَام جي زيارت نصيب ٿي، حضرت جبرائيل اَمين عَلَیۡہِ السَّلَام ڪين پاڻي بہ پياريو ۽ اللّٰہ پاڪ جو نيڪ ۽ انعام يافتہ ٻانهو هجڻ جي بشارت بہ ڏني.

هاڻي غور ڪريو ڪاش! اسان جي گهرن ۾ بہ اهڙو ماحول جُڙِي وڃي، ڀلا جيڪڏهن...!! اسان مڪمل قرآن ڪريم روزانو ختم نہ بہ ڪري سگهون، پر گهر جو هر فرد روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ هڪ سيپارو تہ تلاوت ڪري، سوچيو جيڪڏهن ائين ٿي وڃي تہ اسان جي گهرن جو ماحول ڪيترو نہ پيارو ۽ پاڪيزه ٿي ويندو. ۞ ڪيترو نہ روح پرور ماحول بڻجي ويندو، جيڪڏهن اسان جي گهر ۾ روزانو سورة الملڪ جي تلاوت ٿيندي هجي، ڪڏهن بابا، ڪڏهن امان، ڪڏهن ڀاءُ، ڪڏهن ڀيڻ، ڪڏهن ڌيءَ تلاوت ڪري ۽ باقي ويهي ٻڌن. سُبۡحٰنَ اللّٰہ!

۞ گهر ۾ درس جو سلسلو هجي تہ ديني ماحول پاڻمرادو بڻجندو ويندو.

---

1...صفة الصفوة، جزء:3، جلد:2، صفحہ:100و101بتغيرقليل.

# گهر به هڪ نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو جيڪو گهر آهي، اهو چاهي جهڙو به آهي، عاليشان آهي يا جهوپڙي جيان آهي، گهر الله پاڪ جي نعمت آهي. حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بستري تي تشريف فرما ٿيندا هئا ته چوندا هئا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ أَطْعَمَنَا، وَسَقَانَا، وَكَفَانَا، وَآوَانَا فَكَمْ مِّمَّنْ لَا كَافِيَ لَهُ، وَلَا مُؤْوِیَ

**ترجمو:** سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي کارايو، پياريو، ضرورتون پوريون فرمايون ۽ اسان کي نڪاڻو عطا فرمايو. ڪيترائي اهڙا آهن، جن وٽ بقدر ڪفايت اسباب نه آهن، ڪيترائي اهڙا آهن جن جو ڪو گهر نه آهي. [(1)]

ڪيترو نه پيارو انداز آهي...!! اڄ جي هن ترقي يافته دور ۾ به ڪيترائي ماڻهو فٽ پاٿ تي رات گذاريندا آهن، ڪيترائي اهڙا آهن، جن وٽ مٿو ڍَڪڻ لاءِ به جاءِ نه آهي، اسان وٽ گهر آهي، توڙي جو ڪرائي جو آهي، پر موجود ته آهي.

# گهرن ۾ سڪون هجڻ به نعمت آهي

الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْۢ بُيُوْتِكُمْ سَكَنًا (پارو: 14، سورة نحل: 80) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ الله توهان جي گهرن کي توهان جي رهائش بڻايو |

هي به الله پاڪ جو ڪيڏو نه وڏو احسان آهي جو هُن اسان جي گهرن کي اسان جي لاءِ سڪون جو ذريعو بڻايو آهي ۞ صرف چند سيڪنڊن جو زلزلو اچي وڃي ته دل ڏکي ويندي آهي، هوش خطا ٿي ويندا آهن، انسان چاهي ڪيترين ئي خوشين ۾ هجي، سڀ خوشيون ختم ٿي وينديون آهن، هيءَ زمين

[1]... مسلم، كتاب الذكر والدعاء...الخ،باب التعوذمن شر...الخ،صفحه:1045،حديث:2715۔

ڏکي نہ رهي آهي، ساکن آهي، اسان جا گهر جتي آهن، اتي ئي صحيح سلامت موجود آهن، هي سڪون جو ذريعو آهن ۞ تصور ڪريو! جيڪڏهن ڪو هڪ جهنگلي جانور مثلاً شينهن يا چيتو وغيره محلي ۾ اچي وڃي تہ سڄي محلي ۾ ڪيترو نہ خوف پکڙجي ويندو، ٻاهر نڪرڻ مشڪل ٿي ويندو، زندگيءَ جا ڪيترائي معاملا درهم برهم ٿي ويندا. غور ڪريو! انهن جهنگلي جانورن کي جهنگ ۾ ڪنهن روڪي رکيو آهي؟ هزارين قسمن جا جانور، ڪِيڙا ماڪوڙا، نانگ، وڇونءَ ۽ نہ ڄاڻ ڪيترائي زهريلا جانور دنيا ۾ موجود آهن، انهن سڀني جو رخ جيڪڏهن اسان جي رهائشي علائقن ڏانهن ٿي وڃي تہ سوچيو! زندگي ڪيتري نہ ڏُکي ٿي ويندي، الله پاڪ انهن سڀني کي اسان جي گهرن کان پري رکيو آهي، اِهو ڪيڏو نہ وڏو احسان آهي، ڪيڏي نہ عظيم نعمت آهي. هن گهر جو بہ تہ اسان کي شڪر ڪرڻو آهي. اهو ڪيئن ادا ڪرڻو آهي...؟ جواب آهي گهر ۾ نيڪين وارو ماحول بڻائي.

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُما کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِجْعَلُوْا فِیْ بُیُوْتِکُمْ مِنْ صَلَاتِکُمْ، وَلَا تَتَّخِذُوْهَا قُبُوْرًا يعني ڪجهہ نماز گهر ۾ بہ پڙهندا ڪريو! گهرن کي قبرستان نہ بڻائي ڇڏيو...!! (1)

معلوم ٿيو تہ گهر چاهي دنيا جي خوشين سان ڀريل هجي، مال ۽ دولت جي ڪا ڪَمِي نہ هجي، روشنين سان جڳمڳائي رهيو هجي، تمام عاليشان هجي، پر جيڪڏهن ان ۾ نماز نہ ٿي پڙهي وڃي تہ اهو قبرستان بلڪ ان کان بہ وڌيڪ ويران ۽ سنسان آهي. تنهنڪري پنهنجن گهرن ۾ نمازن جو ماحول بڻايو، گهر جي عورتن کي نرمي سان، پيار سان ترغيب ڏياريو، ڪين نمازي بڻايو، پاڻ بہ گهر ۾ نوافل وغيره جو سلسلو شروع ڪريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! جيڪڏهن گهر ۾ نمازن جو ماحول بڻجي ويو تہ سمجهي وڃو تہ گهر ۾ دين جو ٿنڀو لڳي ويو. جي ها! حديث پاڪ ۾ آهي: اَلصَّلَاۃُ عِمَادُ الدِّیْن يعني نماز دين

---
1... بخاری،کتاب الصلاۃ،باب کراہیۃ الصلاۃ فی المقابر،صفحہ:179،حدیث:432 ۔

جو ٺَپيو آهي. [1] اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جيستائين گهرن ۾ نمازن جو ماحول رهندو، تيستائين انهن گهر ۾ دين قائم رهندو.

## گهر جي عزت ڪريو!

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَكْرِمُوْا بُيُوْتَكُمْ بِبَعْضِ صَلَاتِكُمْ يعني ڪجهه نمازن جي ذريعي پنهنجي گهر جي عزت وڌايو...!! [2] معلوم ٿيو: جيڪڏهن اسان گهر ۾ نمازن جو ماحول بڻائينداسين ته ان سان گهر جي عزت ۾ اضافو ٿيندو، ماڻهو اُن گهر کي عزت جي نگاهه سان ڏسندا، واقعي ائين آهي، جيڪڏهن ان جو تجربو ڪرڻ چاهيو ٿا ته سوچيو توهان جي پنهنجي محلي ۾ توهان جي امام صاحب جي گهر جي ڪيتري عزت آهي، ان تي غور ڪريو! عام طور تي ماڻهو امام صاحب جي گهر کي عزت جي نگاهه سان ڏسندا آهن، ماڻهن جي ذهن ۾ هوندو آهي ته هن گهر ۾ نيڪيون ٿينديون آهن، ٻار بيمار ٿي وڃي ته ماڻهو دم ڪرائڻ جي لاءِ امام صاحب وٽ ڪٺي ايندا آهن، گهر ۾ پريشاني ٿي وڃي ته امام صاحب جو رخ ڪيو ويندو آهي، ان جي پنيان ڪهڙو راز لڪيل آهي؟ جواب آهي ته امام صاحب جي گهر ۾ نمازن جو ماحول هوندو آهي، تنهنڪري معاشري ۾ ان گهر جي عزت هوندي آهي.

## گهر ۾ ڪهڙيون نمازون پڙهڻ گهرجن ...؟

**بخاري شريف** جي حديث آهي، فرمايو ويو: فَاِنَّ خَيْرَ صَلَاةِ الْمَرْءِ فِي بَيْتِهٖ اِلَّا الصَّلَاةَ الْمَكْتُوْبَةَ بيشڪ انسان جي بهترين نماز اها آهي، جيڪا گهر ۾ پڙهي وڃي پر فرض نماز (کان سواءِ). [3]

معلوم ٿيو ته فرض نماز جيڪا آهي، اها ته اسان مردن کي مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻي آهي، اهو واجب آهي. [4] اهڙي طرح محتاط طريقو هي آهي ته

---

1... نواد رالاصول،الاصل التاسع والثلاثون والما ئتان،فی خصائص النبی ...الخ،صفحہ:152۔

2... مصنف عبدالرزاق،کتاب الصلاۃ،باب اتخاذالرجل فی ...الخ،صفحہ:299،حدیث:1536۔

3... بخاری ،کتاب الادب، باب مایجوز من الغضب ...الخ،صفحہ:1518،حدیث:6113۔

4...فتاوٰی رضویہ،جلد:7،صفحہ:194۔

سنتون بہ مسجد ۾ ئي ادا ڪيون وڃن. باقي جيڪي نفل آهن: مثلاً ۞ تهجد ۞ اشراق، چاشت ۞ اوابين ۞ رات جا نفل وغيره اهي گهر ۾ پڙهيا وڃن، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهر ۾ نمازن جو ماحول بڻجي ويندو.

## گهرن ۾ ذِڪرالله ڪريو

**ابو داؤد شريف جي روايت آهي:** هڪ دفعو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلي بنو اشهل ۾ تشريف وٺي ويا، اتي مغرب جي نماز باجماعت مسجد ۾ ادا ڪئي وئي، نماز کان پوءِ ماڻهو اتي ئي ويهي تسبيح ڪرڻ لڳا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هٰذِهٖ صَلَاةُ الْبُيُوْتِ يعني هيءَ تسبيح گهر جي نماز آهي.[1] يعني ڪين گهرجي تہ تسبيح وغيره گهر وڃي پڙهن.

معلوم ٿيو تہ گهر ۾ بہ ذڪر اذڪار جو ماحول بڻائڻ گهرجي.

**هڪ حديث پاڪ ۾ آهي:**

مَثَلُ الْبَيْتِ الَّذِىْ يُذْكَرُ اللّٰهُ فِيْهِ وَالْبَيْتِ الَّذِىْ لَا يُذْكَرُ اللّٰهُ فِيْهِ مَثَلُ الْحَيِّ وَالْمَيِّتِ

**ترجمو:** اهو گهر جنهن ۾ الله پاڪ جو ذڪر ٿيندو آهي ۽ اهو گهر جنهن ۾ الله پاڪ جو ذڪر نہ ٿيندو آهي، انهن جو مثال زندهہ ۽ مرده وانگر آهي.[2]

يعني جنهن گهر ۾ ذڪر ٿيندو آهي، اهو زندهہ آهي ۽ جنهن ۾ ذڪر نہ ٿيندو آهي اهو گهر مرده آهي. تنهنڪري گهر ۾ ذڪر الله جو بہ ماحول بڻائڻ گهرجي. جيئن بہ آساني هجي، گهر ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ذڪر جي عادت بڻائڻ گهرجي، هڪ صورت اها بہ ٿي سگهي ٿي تہ هفتي ۾ هڪ ڏينهن مقرر ڪيو وڃي، مثلاً جمعي جي ڏينهن جمعي جي نماز کان پوءِ يا عصر جي نماز کان مغرب جي نماز تائين صرف پنهنجي ئي گهر جا ڀاتي شرعي پردي جو لحاظ رکندي گڏجي مختصر ذڪر ۽ درود جي محفل جو اهتمام ڪن، ان ۾ تلاوت بہ ٿي

---

1... ابو داؤد،كتاب الصلاة،باب ركعتى المغرب...الخ،صفحہ:213،حديث:1300۔

2... مسلم،كتاب صلاة المسافرين وقصرها،باب استحباب صلاة النافلة...الخ،صفحہ:282،حديث:779۔

سگھي ٿي، سيئي گڏجي ويھي تلاوت ڪن، الله پاڪ جي پاڪيزه نالن جو ذڪر ڪيو وڃي، درود پاڪ پڙھيو وڃي، پوءِ دعا ڪئي وڃي. ائين ئي يارھين شريف جو اھتمام ڪيو وڃي، ھر مھيني يارھين شريف جي موقعي تي گھر ۾ مختصر محفل ٿي وڃي، گھر جا ئي سيئي افراد ھجن، ذڪر اذڪار ڪيا وڃن، درود پاڪ پڙھيو وڃي، تلاوت ڪئي وڃي، انھن سيني جو ثواب غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نذر ڪيو وڃي، اھڙي طرح بين صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم، اولياء ۽ بزرگان دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جا ڏِھاڙا بہ گھر ۾ ملھايا وڃن. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گھر ۾ بھترين روحانيت وارو ماحول بڻجي ويندو.

## گھريلو زندگيءَ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي گھرن جو ماحول درست ٿي وڃي، گھر ۾ اَمن ھجي، سڪون ھجي، چين ھجي، گھر پھچڻ سان دماغ الجھڻ بدران ٺَڪُ لھڻ شروع ٿي وڃي، ان جي لاءِ گھر ۾ رھڻ متعلق جيڪي سنتون ۽ آداب پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت پاڪ مان اسان کي سکڻ لاءِ ملن ٿيون، انھن کي اپنائڻ جي نيت ڪريو! بيشڪ سنت ۾ ئي عظمت آھي، اسان جي ترقي سنت سان ئي وابستہ آھي. اچو تہ گھريلو زندگي جي متعلق ڪجھ سنتون ۽ آداب سکون ٿا:

## گھر ۾ ايندي ويندي سلام ڪريو!

**حديث پاڪ ۾ آھي:** جڏھن توھان گھر ۾ داخل ٿيو تہ گھر وارن کي سلام ڪريو ۽ جڏھن گھر کان ٻاھر وڃو تہ سلام ڪري وڃو. (1)

سکڻ جي ڳالھ آھي، اسان وٽ جيڪي مذھبي ذھن رکڻ وارا ماڻھو ھوندا آھن، انھن کي بہ ڏٺو ويو آھي تہ گھر ۾ داخل ٿيڻ وقت تہ سلام ڪندا آھن پر گھر مان نڪرڻ وقت سلام نہ ڪندا آھن، ياد رکو! جيئن گھر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪرڻو آھي، تيئن ئي گھر مان ٻاھر وڃڻ وقت بہ سلام ڪرڻو آھي.

---

[1] شعب الايمان،باب في مقاربة ...الخ،فصل في السلام ...الخ،جلد:6، صفحہ:448، حديث:8845۔

## امڙ سائڻ کي سلام ڪندا هئا

مشهور صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو معمول مبارڪ هو ته جڏهن به گهر ۾ داخل ٿيندا هئا يا جڏهن به گهر مان ٻاهر وڃڻ لڳندا هئا ته دروازي وٽ بيهي رهندا هئا ۽ چوندا هئا: امڙ...!! اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ. سندن ماءُ جواب ۾ چونديون هيون: پُٽَ...!! وَعَلَيْكَ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ. ان کان پوءِ پاڻ چوندا هئا: رَحِمَكِ اللهُ كَمَا رَبَّيْتِنِي صَغِيرًا امڙ! الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي، توهان منهنجي ننڍپڻ ۾ چڱي نموني سنڀال ڪئي. امڙ فرمائينديون هيون: رَحِمَكَ اللهُ كَمَا بَرَرْتَنِي كَبِيرًا الله پاڪ توهان تي به رحم فرمائي، توهان منهنجي پوڙهائپ ۾ مون سان تمام سٺو سلوڪ ڪيو. (1)

ڪيڏو نه پيارو انداز آهي. ڪاش! اسان به اهڙو انداز اپنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

## الله پاڪ جو نالو وٺو

**حديث شريف ۾ آهي:** جڏهن انسان گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت ۽ ڪاڌو ڪائڻ وقت الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي ته شيطان پنهجو پاڻ کي مخاطب ٿيندي چوندو آهي: اڄ هتي نه تنهنجي رات گذري سگهندي ۽ نه ئي توکي ڪاڌو ملي سگهندو ۽ جڏهن انسان گهر ۾ الله پاڪ جو نالو کڻڻ کان سواءِ داخل ٿيندو آهي ته شيطان چوندو آهي: اڄ جي رات هتي گذرندي. پوءِ جڏهن ڪاڌو ڪائڻ وقت الله پاڪ جو نالو نه وٺندو آهي ته هو چوندو آهي: توکي نڪاڻو به ملي ويو ۽ ڪاڌو به ملي ويو. (2)

معلوم ٿيو ته گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت به الله پاڪ جو نالو وٺڻ گهرجي، مثلاً گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ الله پڙهي وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! شيطان جي شر کان حفاظت رهندي.

---

[1]... الادب المفرد، باب جزاء الوالدين، صفحہ:17، حديث:14۔

[2]... مسلم، كتاب الاشربۃ، باب آداب الطعام ...الخ، صفحہ:803، حديث:2018۔

مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه لکن ٿا: ڪجھ بزرگن کي ڏٺو ويو آهي تہ ڏينهن جي شروعات ۾ جڏهن پهريون دفعو گھر ۾ داخل ٿيندا هئا تہ بِسۡمِ الله ۽ سورة الاخلاص پڙهي وٺندا هئا، ان سان گھر ۾ اتفاق بہ رهندو آهي ۽ رزق ۾ برڪت بہ ٿيندي آهي. (1)

## سڀ کان پهرين مسواڪ (ڏندڻ) ڪندا هئا

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا کان پڇيو ويو: پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن گھر ۾ تشريف کڻي ايندا هئا تہ سڀ کان پهريان ڪهڙو ڪم ڪندا هئا؟ فرمايائون:

كَانَ اِذَا دَخَلَ بَيْتَهُ بَدَاَ بِالسِّوَاكِ يعني پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گھريلو معاملن جي شروعات مسواڪ سان ڪندا هئا. (2)

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مسواڪ تمام گھڻو پسند هو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رات جو جڏهن آرام فرمائيندا هئا تہ مٿن کان مسواڪ رکندا هئا، رات جو جڏهن عبادت لاءِ اٿندا هئا تہ پهريان مسواڪ ڪندا هئا.

اَلحمدُلِلّٰه! مسواڪ تمام پياري سنت آهي. پر افسوس! هاڻي اِها سنت بہ متجندي پئي وڃي. اَلحمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي هن سنت کي زنده ڪرڻ تي بہ گھڻو زور ڏنو آهي ۽ ڏئي رهي آهي. توهان بہ دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو! مسواڪ جي سنت کي زنده فرمايو! اهو ڪيئن ٿيندو...؟ گھٽ ۾ گھٽ پاڻ مسواڪ ڪرڻ جي پڪي عادت اپنايو! جيڪڏهن ٿي سگھي تہ قميص ۾ سيني تي مسواڪ جي لاءِ الڳ کِيسو نهرايو ۽ هِن (مسواڪ يا ڏندڻ) سنت ادا ڪرڻ واري اوزار کي هميشہ سيني سان لڳائي رکڻ جي عادت اختيار ڪريو! ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن ٿي سگھي تہ پنهنجن ڄاڻ سڃاڻ وارن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡکَرِيۡم! تمام گھڻيون برڪتون ملنديون.

---

1 ... مراة المناجيح، جلد:6، صفحہ:9۔

2 ... مسلم، كتاب الطہارۃ، باب السواک، صفحہ:114، حديث:253۔

امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو آهي: **مسواڪ جا فضائل**. هي جيڪڏهن پڙهي وٺندا ته مزي ڪي مزو اچي ويندو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مسواڪ ڪرڻ جو ذهن بڻجي ويندو.

## گهريلو زندگيءَ جا ڪجھ آداب

گهر ۾ ديني ۽ اسلامي ماحول بڻائڻو آهي، ان جي لاءِ ڪجھ آداب عرض ڪري رهيو آهيان: **(1):** والده يا والد صاحب جي اچڻ وقت تعظيماً اٿي بيهو **(2):** روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو والد صاحب جا هٿ ۽ والده جا پير چُمو! **(3):** والدين جي سامهون آواز پَست رکو، انهن سان اکيون هرگز نه ملايو، ساڄن نگاهون جهڪائي ڳالهايو **(4):** انهن جو سونپيل هر اهو ڪم جيڪو شريعت جي خلاف نه هجي فوراً ڪري ڇڏيو **(5):** سنجيدگي اختيار ڪريو گهر ۾ ڳالھ ڳالھ تي تڪرار ڪرڻ، مذاق مسخري ڪرڻ، ٿوري ٿوري ڳالھ تي ڪاوڙجي وڃڻ، ڪاڌي ۾ عيب ڪڍڻ، ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن کي جهٽڪڻ، مارڻ، گهَر جي وڏن سان الجهڻ، بحث مباحثو ڪرڻ جهڙيون جيڪڏهن توهان جون عادتون آهن ته پنهنجو رويو مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيو، هر هڪ کان معافي وٺو **(6):** گهر ۾ ۽ ٻاهر هر جاءِ تي جيڪڏهن توهان سنجيده ٿي ويندؤ ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گهر جي اندر به ضرور ان جون برڪتون ظاهر ٿينديون **(7):** ماءُ بلڪ ٻارن جي ماءُ هجي ته ان کي به ۽ گهر ۾ (۽ ٻاهر) هڪ ڏينهن جي ٻار کي به توهان چئي مخاطب ڪريو **(8):** پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ عشاء جي جماعت جي وقت ڪان وٺي ٻن ڪلاڪن جي اندر اندر سمهي پئو **(9):** گهر جي ڀاتين ۾ جيڪڏهن نمازن جي سستي، بي پردگي، فلمون، ڊراما ۽ گانا باجا ٻڌڻ جو سلسلو آهي ۽ توهان سرپرست نه آهيو پر توهان کي غالب گمان آهي ته توهان جي نه ٻڌي ويندي ته بار بار ٽوڪڻ جي بدران سيني کي نرمي سان سمجهايو! گهر ۾ مدني چينل هلرائي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گهر ۾

ديني ماحول بڻجي ويندو **(10):** گھر ۾ ڪيترا ڀيرا ڏڏڪا ملن بلڪ جيڪڏھن مارَ بہ ملي، تڏھن بہ صبر، صبر ۽ صبر ڪريو. جيڪڏھن توھان زبان ھلائيندئو تہ ديني ماحول نھڻ جي ڪا بہ اميد پيدا نہ ٿيندي پر وڌيڪ بگاڙ پيدا ٿي سگھي ٿو چو تہ بيجا سختي ڪرڻ سان اڪثر ڪري شيطان ماڻھن ڪي ضدي بڻائي ڇڏيندو آھي **(11):** پنھنجي گھر وارن جي دنيا ۽ آخرت جي بھتري جي لاءِ دل سوزي سان دعا بہ ڪندا رھو، جو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ يعني دعا مومن جو ھٿيار آھي.[1] **(12): مسائل القرآن** صفحو **290** تي آھي: ھر نماز کان پوءِ ھيءَ دعا اول آخر ھڪ ڀيرو درود شريف سان گڏ پڙھڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ٻار ٻچا سنتن جا پابند بڻجي ويندا ۽ گھر ۾ مدني ماحول قائم ٿيندو. (دعا ھيءَ آھي)

(اَللّٰھُمَّ) رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ أَزْوَاجِنَا وَذُرِّيَّاتِنَا قُرَّةَ أَعْيُنٍ وَاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِينَ إِمَامًا

(سيپارو: 19، الفرقان: 74)

مڪتبة المدينہ تان ھڪ ننڍڙو رسالو ملندو آھي: **72 نيڪ اعمال** اھو خريد فرمايو! پاڻ بہ ان جي مطابق عمل ڪريو! ۽ گھر ۾ بہ جيسيتائين ممڪن ھجي، ان کي نافذ ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گھر جو ماحول بھتر ٿي ويندو.

پابندي سان ھر مھيني گھٽ ۾ گھٽ **3** ڏينھن جي قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪري گھر وارن لاءِ بہ دعا ڪريو. قافلي ۾ سفر جي برڪت سان بہ گھرن ۾ ديني ماحول نھڻ جون مدني بھارون ٻڌڻ ۾ ايندبون آھن.

## گھر ۾ درس ڏيڻ جي ترڪيب ڪريو

گھر جو ماحول بھتر ڪرڻ ۽ اسلامي ماحول پيدا ڪرڻ جو ھڪ بھترين ذريعو ھي بہ آھي تہ گھر ۾ فيضانِ سنت جو درس ڏيڻ جي عادت بڻايو!

[1]… مسندالفردوس،صفحہ:223،حديث:3085۔

پيارا اسلامي ڀائرو! آڪولہ (مهاراشٽر، هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهه هن ريت بيان ڏنو آهي تہ ٻُرن ماڻهن سان تعلقات جي ڪري اسان جو گهراڻو بدعملي سان گڏوگڏ بدعقيدگيءَ ۾ بہ مبتلا ٿي ويو هو، ان دوران منهنجو **17** سالن جو ننڍو ڀاءُ جيڪو دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي چڪو هو، اهو گهر ۾ سيني کي گڏ ڪري **فيضانِ سنت** جو درس ڏيندو هو. مان ان ۾ نہ ويهندو هئس، هڪ ڏينهن مان سندن پرسان ويهي رهيس تہ ٻڌان تہ سَهِي هي درس ۾ ڇا ٿو چوي، درس ٻڌڻ ۾ تمام سٺو لڳو، تنهنڪري مان روزانو **گهر درس** ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس. آهستي آهستي منهنجي دل جي ڪاراڻ متجڻ لڳي، الحمدلله! گهر ۾ ٿيڻ واري هن درس جي برڪت سان اسان جي گهر ۾ ديني ماحول ٺهجي ويو ۽ الله پاڪ جي فضل سان بدعقيدگيءَ کان بہ نجات ملي وئي. [(1)]

| | |
|---|---|
| بُری صحبتوں سے کَنارہ کشی کر | اور اچھوں کے پاس آ کے پا دینی ماحول |
| تمہیں لطف آ جائیگا زندگی کا | قریب آ کے دیکھو ذرا دینی ماحول |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان بہ گهر ۾ درس ڏيڻ جي عادت ٺاهيو! الحمدلله! درس ڏيڻ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان مسلمانن کي حڪم ڏنو آهي:

| | |
|---|---|
| قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِیْكُمْ نَارًا (پارو: 28، سورة تحريم: 6) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** پنهنجي جانين ۽ گهر وارن کي اُنَ باهہ کان بچايو! |

يعني اي مسلمانو! پاڻ بہ ديني ڳالهيون سکو ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ سيکاريو! تہ جيئن جهنم کان بچي سگهو...!! [(2)]

---

[1]... دعوت اسلامی کی مدنی بہاریں (حصہ اول)،صفحہ:99۔

2... تفسير قشيرى، پاره:28، سورة تحريم، تحت الآية:6، جلد:3، صفحه:334۔

اڄڪلهه هر گهر ۾ لڙائي، جهڳڙا ۽ پريشانيون عام آهن، ان جو بهترين حل هي آهي تہ گهر ۾ درس ڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ❁ گهر ۾ ديني ماحول پيدا ٿيندو ❁ گهر وارا ديني ڳالهيون سکندا تہ نيڪ عمل ڪرڻ جو ذهن بڻجندو ❁ ننڍا باادب ۽ وڏا شفيق ٿي ويندا ❁ غيبت، چغلي ۽ ان جهڙن ڪيترن ئي گناهن کان بچڻ جي سوچ ملندي ❁ عشقِ رسول، فڪرِ آخرت ۽ خوفِ خدا نصيب ٿيندو ❁ عقيدن ۽ عملن جي اصلاح ٿيندي ۽ ❁ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گهر ۾ سڪون پيدا ٿيندو ❁ الله پاڪ جون رحمتون بہ نازل ٿينديون ❁ ۽ الله پاڪ چاهيو تہ سموري گهر جو ڀلو ٿي ويندو.

**واقعو:** هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ: سندن گهر ۾ بدعملي ۽ بدعقيدگيءَ جا ديرا هئا، پوءِ هنن گهر ۾ درس ڏيڻ شروع ڪيو، الحمدلله! 7 منٽن جو درس استقامت سان ڏيڻ جي برڪت اها ٿي جو سيئي گهر وارا نيڪ نمازي ۽ عاشق رسول ٿي ويا.

توهان بہ پنهنجي گهر ۾ درس ڏيندا ڪريو! اِهو ڪو مشڪل ڪم نہ آهي، شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا لکيل ڪتاب تمام آسان هوندا آهن، ڪو بہ ڪتاب مثلاً **فيضانِ سنت** خريد ڪريو! چاهيو تہ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائونلوڊ ڪريو! ڀلي موبائل ۾ ئي رکي ڇڏيو! روزانو صرف 7 منٽ جيڪو لکيل آهي، اهو پڙهي ٻڌايو! سنجيدگي ۽ استقامت سان درس ڏيندا رهندؤ تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! خوب بهارون ڏسڻ ۾ اينديون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَلْقُرْآنُ الْكَرِيْم موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. الحمدلله! عاشقان رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ علم دين جو

فيضان عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. دعوت اسلامي جي آءِ ٽي *I.T* ڊپارٽمينٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: *Al Quran ul kareem* ﴿القرآن الكريم﴾. هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآن پاڪ پڙهڻ ۞ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ قرآن ڪريم ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ۞ ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي *Bookmark* به ڪري سگهجي ٿو يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت کي *Bookmark* جي ذريعي آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

الحمدلله! هن وقت تائين تقريباً **10** لک کان وڌيڪ ماڻهو هن ايپلي ڪيشن کي ڊائونلوڊ ڪري چڪا آهن. توهان به هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

❀ هر ڇنڇر تي امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي رات جو **9** لڳي **15** منٽن تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقان رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو ❀ شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **سچ ۽ چند ڳرهڻ** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله

پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين کي به شيئر(*Share*) ڪريو! مڪتبة المدينہ پيش ڪري رهيو آهي پنهنجي موضوع جي لحاظ کان انتهائي اهم ۽ معلوماتي ڪتاب: **وقف جا شرعي مسئلا**. جنهن ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ ۞ وقف ڇا آهي ۞ ڪهڙي شيءِ وقف ڪرڻ افضل آهي ۞ ڪهڙي شيءِ وقف ٿي سگهي ٿي ۽ ڪهڙي شيءِ وقف نہ ٿي سگهي؟ ۞ ۽ وقف جي متعلق ٻيا شرعي احڪام. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **350 رپين** ۾ قيمتاً طلب فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو! ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## محفلِ بغداد

پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! 21 سيپٽمبر 2025، آچر ڏينهن، رات جو تقريبن 9 وڳي فيضانِ مدينہ ڪراچي ۾ "محفلِ بغداد" ٿيندي. هي پاڪ محفل مدني چينل تي لائيو ڏيکاري ويندي.اميرِ اهلسنّت، مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ پڻ هن پاڪ محفل ۾ تشريف فرما ٿيندا.سڀني عاشقانِ غوثِ اعظم کي عرض آهي تہ هن پاڪ محفل ۾ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّۃِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [(1)]

1... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **(1)**: جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي- (مصنف اِبْنِ اَبی شيبہ، ڪتاب: الايمان، جلد:7صفحہ:223) **(2)**: جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان تي اللّٰه پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي- (بخاری، ڪتاب:جِزْيہ، صفحہ:815، حديث:3179)

اي عاشقانِ رسول! وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي- ❁ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وعدي جا گهڻا پَڪا هئا ۽ ❁ وعدو ٽوڙڻ کي تمام ناپسند ڪندا هئا- ❁اِعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اوهان ترسو مان اجهو ٿو موٽان، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وسري ويس، ٽن ڏينهن کان پوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن اهو انهيءَ هنڌ پهتو تہ اهو ڏسي حيران رهجي ويو تہ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽي ڏينهن گذرڻ جي باوُجود اتي ئي بيٺا آهن ۽ مَاشَآءَالله! شفقت و رَحمت ۽ حُسنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي ڏڙڪا ڪونہ ڏنا، ڪاوڙ نہ ڪئي، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو. [1] الله پاڪ اسان کي بہ سُنّتِ سرڪار تي عمل ڪندي وعدا پُورا ڪرڻ وارو بڻائي-

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

مختلف سُنّتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي **بهارِ شريعت** جلد:3 مان حِصّو 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنّت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جو 91 صفحن جو رسالو **550 سُنّتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سُنّتون سکڻ جو

[1]...اَبُو داؤد، ڪتاب ادب، باب فی العدة، صفحہ:781، حديث:4996-

هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن ڀريو سفر بہ آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2...القول البديع، الباب الثانى، ص277
3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125

2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

4... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455